*ڊاڪٽر رحيم بخش

# مارئيءَ جي سماجي ڏاهپ

# SOCIAL WISDOM OF MARUEE

**ABSTRACT:**

Shah Abdul Latif Bhittai is the renowned poet of Sindh widely celebrated for his poetic excellence, visionary lessons and cultural understanding. His melodies are replete with natural, symbolic and meaningful themes. His ideas conveyed through his verses are thought-provoking. This research paper attempts to investigate and analyze the social sagacity of one of her heroines Maruee. Maruee is a renowned and revered character in Latif's poetry. She stands as the symbol of patriotism, icon of simplicity, epitome of excellence deeply rooted to the values of her land. Latif portrays her as a cultural queen who forsakes worldly gains for her values and fellows. Her character represents village life, love, grace, and simplicity and seep attachment with her roots. However, this paper investigates the element of wisdom, social sagacity and understanding of values in the character of Maruee. Setting Maruee as an example of social wisdom, Latif invites his readers to tread on the path of Maruee. It is sheer dint of her wisdom and social sagacity that she thwarted every attempt of her oppressor and strived for her salvation. This research is going to add another dimension in plethora of research done in the field of Sindhi literature and study of Shah Latif's poetry.

*ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور



شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جي سٽن عورت ڪردارن مان 'مارئي' هڪ ڪردار جو نالو آهي، هوءَ هڪ ٿر جائي نياڻي هئي، جنهن جي ڪا ظاهري تعليم تہ ڪونہ هئي، پر هوءَ پنهنجي گهر ۽ سماج مان گهڻو ڪجهہ سکي هڪ سجاڻ عورت بڻجي چڪي هئي. مارئيءَ جي لفظي معنيٰ لغتن هن طرح ڄاڻائي آهي:

مارئي: "سنڌ جي هڪ مشهور ديس پڱتياڻي ۽ سيل سٽُر واري عورت" (سترام داس، 2009، 469)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

"مارئي، ماروئي: ث سنڌ جي مشهور قصي "عمر مارئي" جو مکيہ ڪردار" (.(بلوچ، 2006، 598)

مارئي، سجاڻ، سگهڙ، سياڻي ۽ سماجي قدرن جي پاسداري ڪندڙ عورت هئي. ڏاهپ جي حوالي سان، هڪ جلدي لغت "سائل ڪوش" ۾ هن طرح ڄاڻ ڏنل آهي:

"ڏاهِ، ڏاهَپ: مر. سياڻپ، عقلمندي، ٻڌي، سمجه (سترام داس، 2009، 262)

اهڙي طرح سان، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هڪ جلدي لغت مطابق لفظ "ڏاهو" ڏنل آهي، جنهن متعلق معلومات هن طرح سان ڏني وئي آهي:

"ڏاهو: ص. سمجهدار-عقلمند - سجاڻ. سياڻو. هوشيار. چالاڪ. ويچ." (.(بلوچ، 2006، 305)

سنڌيڪا لغت ۾ لفظ "ڏاهپ" جي معنيٰ بہ اهڙي ئي ڄاڻائي وئي آهي:

"ڏاهپ: ذ. عقلمندي- دور انديشي- سياڻپ- دانائي." (عبدالستار، 2006ع. ص 381)

سماج جي حوالي سان سنڌيڪا لغت ۾ هن طرح سان ڄاڻايل آهي، تہ:

"سماج: ذ (سن) پئنچائت-برادري-پائيچاري-معاشرو-پنگت. اجتماع. جلسو. جماعت" (عبدالستار، 2006ع، ص 477 )

شاهه لطيف جي سُر مارئيءَ جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ، مارئي، اسان کي عقلمند، دوراندايش، سياڻي ۽ داناءِ ملي ٿي. هي قصو، شاهه لطيف جي دور کان صديون اڳ مشهور ۽ مقبول هو.

"سنڌ جي غريبن جي اشرافت ۽ خود داريءَ جو داستان آهي بلڪ سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن جو آئينو آهي، جنهن ڪري صدين کان وٺي سنڌ ۾ هنڌين ماڳين مشهور رهيو آهي". (بلوچ، 1989ع. ص 08.)

سومرن حڪمرانن ۾ 'عمر' نالي بہ بادشاهہ رهيا آهن. پهريون 'جلال الدين عمر' خفيف بادشاهہ کان پوءِ، سن 556هہ / 1160ع ۾ تخت تي ويٺو ۽ ٻيو 'فخرالدين

**عمر' پونگر بادشاهہ کان پوءِ گادي نشين ٿيو. مارئيءَ جي قصي وارو 'عمر' اهو پونگر بادشاهہ جو پٽ "عمر ٻيو" هو".** (بلوچ،1998ع ص 19.)

**عمر مارئيءَ جو قصو ان وقت جي پٽن پانن ڳائي، وڄائي ۽ داستان گوئي ڪندي مشهور ڪيو. عمر سومرو(ٻيو)، جنهن جي وقت ۾ هي قصو رونما ٿيو. ان جو دور " 8 صدي هجري (14 صدي عيسوي) ڏاري اسريو ۽ ان دور کان وٺي مشهور ٿيو"** (بلوچ،1989ع، ص 18)

**مارئيءَ جي قصي واري 'عمر سومري' جو سنڌ تي راڄ 1355ع کان 1390ع تائين هو".** (پيرزادو،2020ع. ص 137.) **هي دستان نہ صرف قصي طور تي هنڌين ماڳين مشهور ٿيو پر ان سان گڏو گڏ 'راڳ مارئي' جي طور پڻ مقبول ٿيڻ لڳو. مارئيءَ کي عمر سومري، جنهن ماڳ تان کنيو ان ماڳ جي حوالي سان بہ ٻن ماڳن جو خاص طرح سان ذڪر ٿيندو آهي، اهي ماڳ آهن، 'ڪائُر'، 'ڪائُڙَ' يا 'ڪاهُڙ' ۽ ٻيو ماڳ آهي، "ڀالوا" انهن ٻنهي ماڳن جي حوالي سان ڊاڪٽر نبي بخش خان هن طرح سان تجزيوڪري ٿو:**

> ڪائڙ يا ڪاهڙ وارو علائقو عمر ڪوٽ کان ڏهن ٻارهن ڪوهن اندر آهي، جنهن ۾ گيڙو ڏاهلي ۽ پارٽو ٽپا اڇي وڇن ٿا. جيڪي عمر ڪوٽ تعلقي جي تپن ڪپلور ۽ دينور سان لاڳو آهن. عمر ڪوٽ سان اها ويجهائي بہ هڪ دليل آهي، تہ مارئي اُتي جي هئي، چاڪاڻ جو عمر بادشاهہ سونهون ساڻ ڪري ڏهن ٻارهن ڪوهن تائين آيو هوندو. هوڏانهن 'ڀالوا ' عمر ڪوٽ کان چاليهہ ڪوهہ ڪن پري آهي (**عبدالستار**،2006ع، ص 23)

**ڪائر يا ڪائڙ وارا ڏهہ ٻارهن ڪوهہ يا ڀالوا وارا چاليهہ ڪوهہ عمر سومري لاءِ ڪي گهٽا ڪو نہ هئا، ڇو تہ هن جي دل ۽ دماغ ۾، مارئيءَ کي ڪٽي پنهنجي قبضي ۾ ڪري زال بڻائڻ وارو خيال حاوي هو. تاريخ طاهريءَ جو مصنف طاهر محمد نسياني لکي ٿو تہ: "مارئي عمر ڪوٽ ۾ هڪ سال بند رهي"** (**عبدالستار**،2006ع، ص 23)

**مارئيءَ جي پرورش کُلي ماحول ۾ ٿي هئي، جتي ميدان ئي ميدان آهن، وڻ ۽ واريءَ جون ڀٽون آهن ۽ قدرت پاران هڪ فطرتي ماحول جڙيل آهي. سندس ماحول ۾ غريبيءَ سان گذر کي ترجيح مليل هئي. سون تي سيڻ متاثڻ وارا نہ هئا. هُو پنهنجي جهوپن ۾ رهندي خوش هئا. مارئيءَ پنهنجي ماحول مان گهٽو ڪجه سکي ڏاهپ حاصل ڪئي هئي، جيڪا ڪيس عمر سومري جي قيد ۾ بند ٿيڻ وقت ڪم آئي.**



> "ماروئڙن وٽ امن ۽ آزادي آهي، اُتي ڪو ڇوڪي چاري ڪونهي: پوکون بنا واهيت ۽ واڙ جي پاڻهي پچي پون، اُتي ڪا سوڙهہ ۽ تنگي آهي ئي ڪونہ ! ماروئن جو ملڪ وڏو ڪشادو ۽ آزاد آهي!
>
> پاڻهي پچي پيئيو رِءَ واهيت رِءَ واڙِ
> جُوءِ ڪشادي جيڏيين، ملير موڪ مَهاڙِ "
>
> (**عبدالستار**،2006ع، ص 13)

**مارئيءَ جي ديس ۾ فصل بہ پاڻ ئي قدرتي طور تي پچي راس ٿين ٿا، ڇو تہ اتي نہ پاڻيءَ جا واهہ آهن ۽ نہ وري زمينن کي جانورن وغيره کان بچاءَ لاءِ ڪي لوڙها ڏنل آهن. ملير جي زمين ڪشادي ٿئي ٿي.**

**جيئن ڏاهپ ڪنهن جي ميراث نہ ٿيندي آهي، تيئن ئي سونهن ڪنهن جي بہ ميراث نہ هوندي آهي. مارئي، ڄمڻ سان ئي، سونهن جو مجسمو هئي جهڙوڪر پڪي ۾ پدمڻيءَ جا پير پهتا هئا. مارئيءَ جو پيءَ تہ مسڪين مال چاريندڙ ماڻهو هو ٿرين جي حالت صدين کان، مسڪيني حال واري رهي آهي. جتي اڄ تائين وڏي ۾ وڏو مسئلو پاڻيءَ جي نہ هئڻ جو آهي. مارئي جيئن وڏي ٿيندي وئي، تيئن ئي، سندس سونهن جا پڙاڏا پکڙجندا ويا، ڊاڪٽر گربخشاڻي سندس سونهن جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:**

> جا ڇاپنديئي حور جهڙي حَسين هئي. جيئن وڌندي ويئي، تيئن ويئي، هيڪاري سونهن ۾ سرس ٿيندي.(گربخشاڻي، 2012، 699 )

**شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بہ سندس سونهن جي واکاڻ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:**

**پڪي منجهہ پدمڻي، ڳر ڏئي وراڪا وڄ**
**جهڙي صورت سِڄ، تهڙيءَ مورت مارئي.**

(**گربخشاڻي**، 2012، **ص** 699)

**مارئيءَ جي حسن جي واکاڻ، شاهہ لطيف پنهنجي خيال موجب سهڻي ڪئي آهي، پر ڪانئس اڳ شاهہ عنايت رضويءَ جي شاعريءَ ۾ بہ مارئيءَ جي حسن جي واکاڻ اعليٰ خيال سان ڪيل آهي:**

**سي وڄون پسي وماسيون، جا سونهن سندياسي هوءِ**
**اوهس پسئو اتهين، پتنگ سيڪو پوءِ**

جڏ مارئي مٿو ڏوءِ، تہ سورج سونهن جهڪو ٿئي
(عبدالستار،2006ع ص 24 ۽ 25.)

يعني، مارئيءَ جي حسن ۽ سونهن کي ڏسي وڄن کي بہ ڳڙتي وٺي وڃي ٿي. سندس تجليءَ کي ڏسي پتنگ پوئتان لڳن ٿا ۽ جڏهن مارئي مٿو ڌوئي ٿي تہ ان آڏو سج جي سونهن بہ جهڪي ٿي وڃي ٿي.

سونهن سان گڏ، جيڪڏهن قدرت پاران سماجي ڏاهپ، همت ۽ جرئت بہ عطا ٿيل هجي، تہ پوءِ ڏکن جا ڏونگر بہ ڏري پَون ٿا. تڪليف جي وقت، ثابت قدم رهڻ سان ئي اصل ڪردار ظاهر ٿي پوندو آهي. مارئي جي سونهن ئي جهڙوڪر، مصيبت جو ڪارڻ بڻي. سندس پهريون حاسد ڦوڳ بڻيو. جنهن مارئي جو سڱ گهريو. جنهن کي اهو چئي انڪار ڪيو ويو ڇو تہ هوءَ، اڳ ئي کيت سين سان مڱيل آهي، تنهن ڪري ڪنهن ٻي کي ان جو سڱ نہ ٿو ڏئي سگهجي. ڦوڳ، حاسد جو ڪردار ادا ڪيو. حسد بہ ڪڏهن جنونيت جي حد کي پهچندو آهي. حاسد، ٻئي کي تڪليف ۾ وجهي، عجيب تسڪين محسوس ڪندو آهي. ڦوڳ، پنهنجي ارادي جي ناڪامي ڏسي، مارئيءَ ۽ سندس مائٽن کي مصيبت ۾ وجهڻ لاءِ حاڪم، عمر سومري کي وڃي، مارئيءَ جي حُسن جي هاڪ ٻڌائي، ۽ اهو باور ڪرايو تہ اهڙي خوبصورت عورت بادشاهہ جي محل ۾ ئي سهڻي لڳندي. عمر سومرو بہ ڦوڳ سان گڏجي ويس مٽائي، مارئيءَ جي ديس پهتو. مارئي، روزانو کوهہ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ ويندي هئي، جنهن جي ڄاڻ ڦوڳ کي اڳ ۾ ئي هئي، مارئي پنهنجي هڪجيڏيءَ سان کوهہ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ پهتي، ان ئي سمي، عمر سومرو ۽ ڦوڳ بہ اٺ تي چڙهي، اتي پهتا. مارئي، اوپرن ماڻهن کي ڏسي ڇرڪي، سندس ساهيڙيءَ آٿت ڏيندي چيو تہ مسافر آهن، وڏ ۾ وڏ پاڻي گهرندا. هو بہ پاڻي گهرڻ بهاني، ويجهو آيا ۽ اچي پاڻي گهريائون. مارئي جيئن ئي پاڻي پيارڻ جي ڪئي، تہ عمر سومري کيس کنڀي کڻي، اٺ تي ويهاريو ۽ اچي ڪوٽ ۾ بند ڪيو. مارئيءَ کنيجڻ وقت ئي سڏ ۽ دانهون ڪيون، پر ڪو بہ سندس واهر لاءِ اڳتي نہ آيو. عمر سومري پاران مارئيءَ کي شاديءَ جي آڇ ڪئي وئي، پر هن، شاهہ لطيف جي هن بيت مطابق جواب ڏنو:

اِيُ نہ مارنِ ريت، جنءَ سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت



پکن جي پريت، ماڙيَ سين نہ مٽيان.
(شهواڻي، 2013 ع، بيت 11، ص266)

مارئي پنهنجي ريت ۽ روايت ٻڌائي، ڇو تہ هوءَ اڳ ئي کيت سين سان مڱيل هئي. سندس ريت مطابق ملڪيت يا سون تي مائٽ نہ مٽبا آهن. عمر جي ڪوٽ ۾ بند ٿيڻ جي ڊپ کي ڦٽو ڪري، مارئيءَ، غلط روايت کي ٽُڏي ڇڏيو. پنهنجي پختي ذهني ڪيفيت کي ظاهر ڪندي، کيس چئي ڏنو تہ ڪچن ۽ ڪکن جي گهرن جي محبت، محلاتن سان نہ مٽائيندا آهيون. اها مارئي جي ذهني پختگي ۽ سماجي ڏاهپ هئي، جنهن کيس دلير بنايو ۽ وقت جو جابر حاڪم، جيڪو کيس زبردستيءَ سان کڻي آيو ۽ اچي پنهنجي ڪوٽ ۾ بند ڪيو. هينئر مارئيءَ اکيون اکين سان ملائي، کيس ٺڪرائي ڇڏيو. عمر سومري سمجهيو پئي تہ مارئي، مسڪين، بيوس ۽ بيواهي آهي، هڪ نہ هڪ ڏينهن، سندس حوصلا جواب ڏئي ويندا ۽ سندس آڇ کي قبوليت ملندي. هن، اُن آسري تي، مارئي کي طرحين طرحين طعام آڇيا. مارئي سندس طعامن کي بہ ڪونہ ڏٺو. مارئي اهڙي صورتحال ۾ پنهنجي مارن جي حال ۽ غريباڻي ڪاڏي کي ياد ڪندي، عمر جي پُلاءَ کي پسند نہ ٿي ڪري. ان حوالي سان، شاهہ لطيف هن طرح سان عڪاسي ڪري ٿو:

آڻين ڪِي چاڙهين، ڏٿ ڏيهاڻي سومرا!
سٿا ڪئو سيد چي، سائون سُڪائين،
منجهان لنب لطيف چي، چائُر ڪِئو چاڙهين
پُلاءُ نہ پاڙين، عمر! آراڙيَ سين
(شهواڻي، 2013، بيت 4، ص 274)

شاهہ لطيف کي، مارئيءَ جي ڪردار متاثر ڪيو. تڏهن ئي تہ سُر مارئيءَ ۾ سندس يارهن داستانن ۾ ڪردار جي مختلف پاسن کي شاعريءَ جي روپ ۾ ظاهر ڪيو. هوءَ پنهنجي مارن جي ريت رسم ۽ ڪاڏ خوراڪ مان خوش هئي. تڏهن ئي تہ پنهنجي مارن سان غريباڻي ڪاڏي کي، عمر جي پُلائن تي فوقيت ڏنا ئين. اها ذهني پختگيءَ، ڏاهپ ۽ دورانديشيءَ جي علامت هئي، جو مارئي وقتي ۽ انفرادي خوشيءَ کي ٺڏي، اجتماعي سوچ کي اوليت ڏني.

مارئيءَ جو ڪردار لطيف جي هٿن ۾ لفظن (شاعريءَ) ۾ پھچڻ بعد شخصي ڪردار مان بدلجي اجتماعي ڪردار بڻجي پوي ٿو. اهو لطيف جو ڪمال آهي. (جويو2013ع ص 165)

هن بيت ۾ شاهه لطيف، خود مارئي جي سوچن ۾ حال سان سهمت ٿيندي، ان جي حالتن ۾ سوچن جي، عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. شاهه لطيف جي شاعريءَ جي حوالي سان، مارئي هڪ اڏول ڪردار آهي. ڪاڏو انسان جي فطري گھرج آهي. هتي مارئي پنهنجي غريباڻي ۾ مارن جي ڪاڏي کي عمر جي بادشاهي ڪاڏن تي ترجيح ڏئي ٿي. بک، انسان کي بيحال ڪندي آهي. سٺو ڪاڏو ڪائڻ جي هر انسان تمنا ڪندو آهي، پر مارئي جهڙا ڪردار پنهنجي آدرشن کي ترجيح ڏيندا آهن. هو ذاتي تمنائن کي اجتماعي مفادن مٿان قربان ڪري ڇڏيندا آهن. مارئيءَ جي لوئي ميري ۾ پراڻي ٿي چڪي هئي. عمر بادشاهه سوچيو ته، مارئيءَ جي اڳيان ويس وڳا پيش ڪجن ته، مانَ سندس ڪاوڙ جهڪي ٿئي ۾ من کي مائل ڪري وجهي. هو اهڙي ڪوشش ڪندي، مارئيءَ کي ويس وڳن جي آڇ ڪري ٿو پر هن جو من اهڙي آڇ کي به اهميت نٿو ڏئي ۾ کيس جواب ملي ٿو ته:

پَٽَ نہ پَرهيان سومرا! جانڪيتان جيان،
آئون ڪنءَ لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏيهان؟
جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻئو.
(شھواڻي،2013، بيت 7،ص 266)

مارئي، پنهنجي ارادن ۾ اٽل هئي. هن جي اندر ۾ ڪا به تبديلي نظر نہ پئي اچي. هوءَ پنهنجي مقصد سان سچي هئي، تڏهن ته عمر سومري جا پٽ جا پھراڻ به ٺڏي ڇڏي ٿي ۾ ان سان گڏ پنهنجي سوچ جو به اظهار ڪري ٿي. سندس سوچ مطابق، عمر جا ويس وڳا، جيئري پائڻ ناممڪن هئا. ڪجهه ئي وقت جي لاءِ ڪوٽ ۾ بند ٿيڻ سبب، پنهنجي اباڻن جي لوئي لاهڻ جو سوچي به نہ پئي سگھي. پنهنجي ارادي جو اظهار ورجائيندي، پنهنجي وَرَ سان سچي هئڻ جو اظهار ورجائيندي. سندس سوچ اها هئي ته، جيسيتائين جيئري آهي، تيسيتائين ٻئي ڪانڌ جو تصور ڪرڻ به سندس لاءِ گناهه آهي.



مارئي مسڪين مائٽن جي ڏيءَ هئي، ته به اخلاق جو دامن هٿان نہ ڇڏيائين. مارئي اڃا مڱيل هئي، نڪاح ڪونہ ٿيو هوس. (سترامداس، 2009،ص 566)

سنڌي سماج جا رشتا زبان ڏئي پڪا ڪيا ويندا آهن. جنهن سان به نياڻيءَ جو رشتو جڙندو آهي ته، اها صرف رشتي ۾ جڙيل انسان جا ئي خواب ڏسندي آهي. ان سان ئي محبت ڪندي آهي. اهو ڀلي ڪيترو ئي مسڪين چو نہ هجي، پر ڪنهن به لالچ کي اوڏو اچڻ نہ ڏنو ويندو آهي. مارئيءَ به ائين ئي ڪندي ثابت قدم رهي. چيو ويندو آهي، ته زيور ۾ ڳھه ڳنا، عورت جي ڪمزوري ٿيندا آهن. عورت انهن کي گھڻو پائيندي آهي، پر هتي ته اها سوچ ئي خسيس لڳي رهي آهي. مارئي آڏو زيورن ۾ ڳھه ڳٺن جي ڪا به اهميت نظر نہ ٿي اچي. محسوس ائين پيو ٿئي ته، سندس مائٽن ۾ تربيت اعليٰ قدرن واري ٿي هئي، تنهن ڪري ئي ته، هر آڇ کي ٺڏيندي پئي وڃي. شاهه لطيف، مارئيءَ جي ان خيال ۾ سوچ کان به متاثر نظر اچي ٿو ۾ سندس سوچن کي هن طرح اظهاري ٿو:

آرمَ هَڏِ مَ اوڍيان، پٽولا پَٽ چيرَ
ٻانڌوڻا ٻن ڏيان، ارغچ ۾ عبير
ماروءَ سان شل ماڻيان، ڪٿيون جهڙيون ڪير
اندر اُڃ اُڪير، مُنڪي پِرِيَ پھنوار جي.
(شھواڻي،2013، بيت 2،ص 265)

مارئي، عمر بادشاهه جي آڇيل زيورن کي هٿ لائڻ پسند نہ ٿي ڪري. هن جي عنبير جهڙي خوشبوءَ کان به بيزاري ڏيکاري ٿي. عمر جي، اعليٰ قسم جي زيورن ۾ خوشبوئن کان پنهنجي ماروءَ جي ساٿ کي وڏيڪ پائنئين ريت نياڻي ٿي. پنهنجي ديس جي اڇين ڪير جهڙين لوين ۾ ڪٿين کي وڏيڪ اهميت ڏئي ٿي. پنهنجي من ۾ مقصد جي ڳالهه به ڪري ٿي. سندس اندر ۾اُڃ ۾ اُڪير، اها ئي آهي، ته پنهنجي پرينءَ پھنوار سان وڃِي ملي. مارئي کي مڃائڻ لاءِ، عمر هر طرح جا حيلا هلائيندو رهيو. پھرين ڳھه ڳنا، پوءِ لذيذ طعامن جي آڇ ان بعد نفيس اعليٰ قسم جي ڪپڙن ۾ ويس وڳن جي لالچ ۾ هاٺي وري نرم هنڌ بسترن ۾ هار سينگارِ تيل ڦليل ڪرڻ جون آڇون ڏيڻ، پر مارئيءَ جي من ۾ مارن ڏانهن ست ۾ سيل سان واپس وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به الڪو ڪو نہ هو:

جن ڪراين ڪِچ جا، وَرُ ساهيڙيون سي!
اُت اُڪنديِ آهيان، مَنهَن ماروءَ جي
پکن سين نہ پاڙيان، هنڌ هتي جا هي
اَهَلَ اباڻن ڪي، مري شال ملهائيان.

(شهواڻي، 2013، بيت 8، ص 266)

مارئي ڪي ڪنهن بہ قسم جي لالچ لوڏي نہ سگهي. هن جي ارادن ۾ ڪابہ لچڪ نظر نہ پئي آئي. هوءَ ذهني طور تي هڪ پختي ذهن واري لڳي رهي هئي. پکن ۾ جهوپڙن جي فرحت، عمر جي هنڌ بسترن کان وڌيڪ پيائين پئي. پنهنجي مقصد سان، سچي اڳواڻ جيان، هر وقت اها ئي تمنا رکيائين تہ، پنهنجي مارن سان مرڻ گهڙيءَ تائين مهل ملهايان. اهڙو پختو ارادو ۽ ذهني پختگي هڪ سچي ۽ بي عيب انسان ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. مارئيءَ جهڙا ڪردار ئي منزلون ماڻيندا آهن. مارئيءَ ڪي پنهنجي، مڱ جي نشاني طور، جيڪي ڪارا ڏاڳا پاتل هئا، اهي بہ کيس سون کان وڌيڪ قيمتي لڳي رهيا هئا:

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان ڪي سُوءِ
ور ُجيڏين سين جُوءَ، فاقو فرحت پائيان!
(شهواڻي، 2013، بيت 10، ص 266)

انسان جي اصل خوشي آهي ئي اندر جي. ٻاهريون ڏيک ويک، انسان جو اندر خوش نہ ٿو رکي سگهي. مارئي جي سوچ بہ اها ئي هئي. سندس عمر پاران ڪيل آڇن کي بہ هڪ طنز يا ٽوڪ محسوس ڪري رهي هئي، پر عمر هو جيڪو نفساني خواهش پوري ڪرڻ لاءِ آڇن مٿان آڇون ڪندو پئي ويو. هوڏانهن مارئي هئي، ذهني طور پڪي ۽ پختي، پنهنجي منزل ۽ مقصد سان سچي، جيڪا عمر جي ڪنهن بہ آڇ کي قبولڻ لاءِ تيار ئي نہ هئي:

آئون ڪِنءَ سوڙيين سمهان؟ مون ور گهاري وِل!
ڪٽيريَ تان ڪِلَ، عمر! ڪج مَ ايهڙي!.
(شهواڻي، 2013، بيت 14، ص 266)

سچا انسان سچ ۽ خير سان جڙيل هوندا آهن. هو ڏک سک ۾ ڏکويلن کي اوليت ڏيندا آهن. هوُ پنهنجي آسائش خاطر پاڻ نہ لڄائيندا آهن. هنن وٽ انفرادي نہ پر اجتماعي مفاد جي اهميت هوندي آهي. مارئي بہ ائين ئي ڪيو. هن عمر جي نرم بستري کي ان



ڪري ٺڏي ڇڏيو جو سندس ٿيندڙ ور کي اهڙيون آسائشون ميسر نہ هيون ۽ نہ ئي ورِي مارئي، مارن وٽ هجڻ وقت اهڙن بسترن جي عادي هئي. ان ڪري ئي کيس اهڙن نرم بسترن جي آڇ سندس لاءِ ڪل جهڙي يا مذاق مثل هئي. مارئي نہ محلن ۽ طعامن جي طلب رکي پئي ۽ نہ عمر جي عهدي ۽ بادشاهي کي اهم سمجهي پئي. جن جي منزل مٿانهين ۽ مقصد اوچا هوندا آهن، اهي سستي ۾ نہ وڪامندا آهن. هتي تہ وڪامڻ جو تصور بہ ڪونہ هو. مارئي جي ذهني پختگيءَ آڏو عمر جون سڀ آڇون خسيس هيون. مارئي، عمر کي چوي ٿي تہ آءٌ پاڻ مٿان اهڙو بار ڪونہ ڪڻندس جو سپاٽي ڇيو وڃيم تہ، تو عمر جي عهدي، محل، ڪاڏن ۽ پنهنجي ظاهري زينت کي اهم سمجهيو.

تيل نہ لائيان تهجو، مون ماروءَ جو من
ڪريان ٻي نہ ڪن، آهر انهين آهيان.

(شهواڻي، 2013، د.ب 5/3، ص 266)

مارئيءَ پنهنجي جسماني سونهن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. هن هڪ ڏينهن بہ الڪو نہ رکيو تہ ڪا سندس سونهن جهڪي ٿيندي پئي وڃي ۽ ان جي بچاءُ جي لاءِ ڪجهہ ڪري. هن اهڙو الڪو لاهي ڇڏيو هو. سندس نظر ۾ اهڙي سوچ بي معنيٰ هئي. اهڙو ڌيان اچڻ بہ سندس لاءِ اڻ سهندڙ هو. تڏهن ئي تہ، عمر سومري کي سڌو جواب پئي ڏئي ۽ کيس ٻڌائي پئي، تہ تنهنجي تيل جي بہ ضرورت نہ آهي، جيئن مارن ڏانهن آئي آهيان، تيئن ئي صحيح آهيان، مان پنهنجي مارن جي ئي آسري تي آهيان، ٻي ڪا بہ ڳالهہ منهنجي ڌيان ۽ سوچ ۾ نہ آهي. مارئي جي ڏنل جوابن مان بہ پتو پوي ٿو تہ، هوءَ بهادر هئي، هوءَ داناءَ هئي، هن وٽ وقت سر جواب ڏيڻ جي طاقت هئي.

سچا ماڻهو ئي بهادر ۽ بي ڊپا ٿيندا آهن. لالچي ۽ مطلبي ڪڏهن بہ بهادر ٿي نہ سگهندو آهي. بهادر انسان ئي منزلون ماڻيندا آهن. ڪانئر، لالچن جي وهڪري ۾ وهي ويندا آهن ۽ پاڻ لاءِ جيئندا آهن. جڏهن تہ سچا ۽ اڳواڻ قسم جا ماڻهو شخصي لالچن کي ٺڏي ڇڏيندا آهن، جيئن مارئي ڪيو. شاهہ لطيف، مارئي جي ڪردار کي تڏهن ئي تہ ايتري اهميت ڏئي، ان جي اندر جي سچائي کي ڳايو آهي. ان جي ذهني پختگيءَ کي ڳايو آهي ۽ ان جي بهادريءَ جي تعريف ڪئي آهي. شاهہ لطيف، هن سرمارئي ۾ مارئي کي ڏکئي وقت ۾ آئت سان گڏ کيس فڪري حقيقت جي آگاهي بہ ڏئي ٿو. ڪردار ڪهڙي طرح جڙندا آهن؟ اهي ڪيئن انفراديت کان اجتماعي روپ

ونڊدا آهن؟، هن سر مان اها پڻ ڄاڻ ملي ٿي ته، پنهنجي منزل مقصود سان سچن فردن کي دنيا جي ڪابه طاقت پنهنجي مقصدن کان هٽائي نه سگهندي آهي. شاهه لطيف، اهڙو مثال پنهنجي سر مارئي ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. عمر، مارئيءَ کي پنهنجو بنائڻ لاءِ ڪهڙا حربا استعمال نه ڪيا!؟ پر سندس هر حربو هڪ عورت جي عظمت آڏو ناڪام ويو. عمر، هڪ حربي پٺيان ٻيو حربو استعمال ڪيو، مارئي ڪيس پنهنجي ثقافتي، خانداني، روايتن، اخلاق ۽ مذهبي حوالي سان ڪيس جواب ڏيندي رهي. مارئي وٽ ڏاهپ ۽ بي داغ ڪردار هو، ٻي ته ڪيس ڪا به طاقت نه هئي. هوءَ پنهنجي سماجي ڏاهپ سان ئي هر طرح جو بچاءُ ڪندي رهي. عمر، جيڪي آڇون ڪيون، ان آڇ جي جواب ۾ ان کي سماجي حقيقتن مطابق جواب ڏيندي رهي. جڏهن عمر سندس پڇر ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيو پئي ته مارئي ڪيس دل جي ڳالهه به ڪري ڇڏي، جيڪا نه صرف سندس دل جي ڳالهه هئي، پر ان سان گڏو گڏ اخلاقي ۽ مذهبي طور تي به ڪيس روڪڻ جو جواب هو:

ڪرئو مهاڙ ملير ڏي، روءِ اُڀي چوءِ:
سُهِڄُ سوري ڀائيان، سومرا! سندوءِ
مِلڪ ماروءَ جي آهيان، جور نه ٿيان جوءِ
سو قلب! ڪوٽ نه هوءِ، جو هتيجن هٿ ڪئو.

(شهواڻي، 2013، د.ب4/8 ،ص 268)

شاهه لطيف جي هن بيت جي وسيلي، مارئي، عمر کي دل جو حال به ٻڌائي ٿي ته، ڪوٽ ۾ رهندي پنهنجي ڪيفيت کان به ڪيس آگاهه ڪري ٿي. مارئي، پنهنجي مارن کي ياد ڪندي، ملير ڏي منهن ڪندي، روئڻ واري ڪيفيت مان گذري ٿي. هوءَ، عمر جي سهولتن کي ڦاسيءَ جو ڦندو سمجهي ٿي. پاڻ کي ماروءَ جي حصي جي سمجهي ٿي. سندس تن من کي اوڏانهن جي ئي تانگهه هئي. عمر کي سمجهائي پئي ته زور زبردستيءَ سان زال نه ٿينديس. مذهبي ۽ اخلاقي طور ڪنهن کي زور سان زال بڻائي نه ٿو سگهجي. ڪيس محسوس پئي ڪرائي ته، جسم هتي ڪوٽ ۾ آهي، پر دل ڪوٽ ۾ نه آهي، اها ته انهن وٽ محفوظ ٿيل آهي. جڏهن ظالم، ظلم ڪان نه مڙندو آهي ۽ پنهنجو هر حيلو هلائيندو رهندو آهي ته، آخر اٽل ارادي وارو فرد، جيڪو پنهنجي مقصد سان سچو هوندو آهي، اهو ڪڏهن به آڻ مڃڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي.



هتي مارئي جي به ساڳي ڪيفيت هئي. مارئي، نه ڪنهن لالچ ۾ آئي پئي ۽ نه ئي پنهنجي مارن جي محبت کي لڪائي پئي. هن جون ٻئي سچايون ظاهر هيون. هن ڪنهن به حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. سختين ۽ تڪليفن جي ته مارئي پرواهه نه ڪئي، پر آخرڪار جان جي پرواهه ڪرڻ به ڇڏي ڏني:

جي لوڻ لڱن لائيين، چيري چيري چم
مون ڪُر اڳي نه ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پهنوارسين

(شهواڻي، 2013، ابيات متفرقه17،ص 284)

ڪنهن جي جسم کي جهير ڏيڻ، خود وڏي جسماني تڪليف آهي، پر انهن جهيرن ۾ لوڻ ٻرڪڻ سان تڪليف انتها کي پهچي ٿي. مارئي، عمر کي آگاهه ڪيو ته، ايترين تڪليفن ڏيڻ کان پوءِ به تنهنجو مقصد پورو نه ٿيندو، ڇو ته سندس ڪردار اهڙي اجازت نٿو ڏئي سگهي. هن جي نظر ۾ عمر جي تمنا هڪ ڪوجهو ڪم هو. هن وٽ ته سسيءَ ۾ آخري ساهه تائين پنهوار جي پچار هئي. عمر جي ڪوٽ ۾ مارئي جسماني طور ڪمزور ٿي چڪي هئي، پر پوءِ به هن جي ازم ۾ ڪو به لوڏو نه آيو. زندگيءَ جي آخري پساهن تائين به پنهنجي سوچ ۽ منزل کان هٽڻ واري نه هئي ۽ اهڙو باور، عمر کي پنهنجي ڪردار سان ڪرائي چڪي هئي. هوءَ جسماني لاچاريءَ واري صورتحال ۾ زندگيءَ ۾ انت جي گهڙيءَ کي ويجهو ڏسندي، عمر کي پنهنجي آخري خواهش کان آگاهه ڪري ٿي:

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گور مهجي سومرا! ڪج پهنوارن پاس
ڏج ڏاڏاڻين ڏيهه، جي، منجها ولڙن واس
مُيا ئي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

(شهواڻي، 2013، د.ب6/12 ،ص 266)

هتي مارئي جسماني طور انتهائي ڪمزور ٿي چڪي هئي، پر ذهني طور تي هوءَ، هن منزل تي به اڏول هئي. هن صورتحال ۾ به عمر جي خواهش پوري ٿيڻ لاءِ ڪائي گنجائش نه ڇڏيائين. مارئي پنهنجي آخري خواهش به عمر کي ٻڌائي ڇڏي، هوءَ عمر

جي ڪوٽ ۾ دفن ٿيڻ نہ پئي چاهي، پنهنجي آخري وصعيت جي اظهار ۾ عمر کي چئي چڏيائين تہ، جيڪڏهن روح جي اصل ديس کي سارينديِ منهنجو ساهہ پوروڻئي، تہ منهنجي مڙهہ کي بہ مالڪ جي حوالي ڪجانءِ، جڏهن منهنجي جسم کي روح جي وطن جو واس ايندو تہ آءُ مئل جيئري ٿي پونديس.

مارئي جي ڪردار مان ثابت ٿئي ٿو تہ، هوءَ نہ صرف پنهنجي ديس، مارن ۽ روايتن سان محبت ڪندڙ اڏول ڪردار جي مالڪ هئي، پر ان سان گڏو گڏ مصيبتن جي وقت کي بہ ذهانت سان منهن ڏئي ثابت قدم رهي. هن کي ڪنهن بہ قسم جي لالچ لوڏي نہ سگهي. پنهنجي ست، سيل پنهنجي مارن جي محبت جي هر حال ۾ حفاظت ڪئي. هوءَ جهڙي صوررت جي سهڻي تهڙي سيرت ۽ ذهانت جي بلنديءَ تي هئي، تنهن ڪري ئي تہ اسان جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ هن جي ڪردار کي سورميءَ جو روپ ڏئي، ان کي واڪاڻيو آهي. ان جي ڪردار جي اهڙي عڪاسي ۽ سچائي بيان ڪئي آهي، جو پڙهندڙ هن سر کي شاهہ لطيف جي پيش ڪيل محسوسات سان سوچي ۽ محسوس ڪري ٿو.

مارئي هڪ نوجوان ڇوڪري هئي، جنهن جي صرف مڱڻي ٿيل هئي. اڃان سندس شادي بہ نہ ٿي هئي ان جي باوجود هُن وٽ وڏي سماجي ڏاهپ هئي. کيس پنهنجي ديس جي روايتن سان محبت هئي، تڏهن ئي تہ، کيس زيورن، طعامن، ويس وڳن، نرم بسترن ۽ محلن جون لالچون پنهنجي مقصد تان هٽائي نہ سگهيون. لالچن کان سواءِ مارئي کي قيد جو خوف عمر جي بادشاهيءَ جو رعب ۽ سندس ڏمر جو خوف بہ هيٺو ڪري نہ سگهيو. مارئيءَ کي پنهنجي جسماني ڪمزوري ۽ جسماني رونق ختم ٿي وڃڻ جو خيال بہ ڪمزور ڪري نہ سگهيو. کيس ڏاهپ اها آٿت ڏني هئي، تہ جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي مقصد سان سچو آهي، تہ دنيا جي ڪا بہ لالچ ۽ لوڀ کيس پنهنجي مقصد کان پري ڪري نٿي سگهي. مارئيءَ پنهنجي پوري سمجهہ ۽ پختي يقين سان مالڪ جي محبت کي دل ۾ ويهاري ڇڏيو. ان ئي جذبي سندس سارو خوف ختم ڪري ڇڏيو. سندس حرص، هلڪڙائي ۽ تڪبر ختم ڪري ڇڏيو. هوءَ سچائي، سادگي ۽ عاجزيءَ جي حُسن سان نوازجي وئي .



**نتيجو:**

مارئي جا مٽ مال ۽ دولت تي رشتا نہ مٽيندا هئا. اها ڄاڻ مارئيءَ جي ذهن ۾ ويٺل هئي، سندس ديس جون عورتون پنهنجي مردن ۽ مائٽن جو مان رکنديون هيون، انهن جو جنهن سان بہ رشتو جوڙيو ويندو هو، ان کي دل ۽ جان سان قبوليندي‌ون هيون. هو پنهنجي وطن ۽ فطري ماحول سان بہ محبت ڪنديون هيون، تنهنڪري اها سوچ ۽ سمجھ مارئيءَ پنهنجي مائٽن مان سکي. کيس ريت ۽ روايت جي پاسداري ڪرڻ سيکاري وئي هئي، جيڪا سندس سماج ۾ مروج هئي. هن کي اها تربيت بہ ملي هئي، تہ زور ۽ لالچ تي رشتا نہ مٽبا آهن. لالچ واري رشتي جي عزت ڪو بہ نہ ڪندو آهي، اخلاق ۽ مذهب بہ زور جي رشتي کان روڪي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو مارئيءَ محسوس ڪري ورتو هو تہ، عمر کيس زوريءَ کڻي آيو هو جيڪو اخلاق ۽ مذهبي ڏوهہ هو. کيس زوريءَ زال بڻائڻ لاءِ زيورن، ڪاڏن، ڪپڙن ۽ محل ماڙين ۾ رهڻ جون لالچون ڏنيون ويون، پر آخري ڏينهن تائين هن پنهنجي گهران آندل لوئي نہ لاٿي ۽ نہ ئي عمر جي ڪنهن شيءِ مان فاعدو حاصل ڪيو. بک کي ترجيح ڏنائين پر عمر جي پلاءَ کي هٿ بہ نہ لاتائين. عمر جي ڳهہ ڳنن تي مائٽن جي ٻڌل نفيس ڏاڳن کي وڏيڪ اهميت ڏنائين، اهڙا عمل هڪ پختي ذهن وارو فرد ئي ڪري سگهي ٿو، جنهن جي سماج ۾ اهڙا قدر مروج هوندا آهن. مارئيءَ جي سماج ۾ اهڙا قدر مروج هئا ۽ هن اتائين سڀ ڪجھ سکيو هو ۽ تڏهن ئي تہ هوءَ ثابت قدم رهي. هن پنهنجي ڪردار ذريعي هڪ مهذب سماج جي سوچ ڏني، هن ذاتي فائدي ۽ آسائشن کي ٺڏي اجتماعيت جي بهتريءَ لاءِ ڪردار ادا ڪيو. هن ذاتي سک کي، معاشري جي گڏيل ڀلائيءَ مٿان قربان ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪردار اڄ تائين اتساهہ جو سبب بہ آهي. هڪ ڪمزور عورت وقت جي حڪمران جي طاقت ۽ لالچن آڏو نہ جهڪي ۽ پنهنجو مقصد ۽ منزل ماڻي، عزت ۽ وقار سان موٽي.

**حوالا:**

بلوچ، نبي بخش، خان، ڊاڪٽر.(1989).شاهہ جورسالو/شاهہ جو ڪلام (جلد ستون). حيدرآباد: علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت

بلوچ، نبي بخش، خان، ڊاڪٽر.(2006).هڪ جلدي سنڌي لغت. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

پيرزادو انور.(2020) ڀٽائي. ڪراچي،سنڌ: پيڪاڪ پبلشرس

جويو تاج.(2013) *شاهہ لطيف جا فڪري سرچشما*. سکر: ماءِ پبلڪيشن

گربخشاڻي، هوتچند مولچند.(2012) *شاهہ جو رسالو چوٿون ڇاپو*. ڪراچي، سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

سترامداس سوڀاسنگهہ جڙيا سنگهاڻي.(2009).سائل ڪوش. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.

شاهواڻي، غلام محمد(2013). *شاهہ جو رسالو*. ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن

عبدالستار بلوچ( 381 )سنڌيڪا لغت. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.